SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1984

سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعه 1 جي ترميم

Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance VIII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VIII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VIII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of the Schedule to Sindh Ordinance VIII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1984

سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[17 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڈيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڈيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڈر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1983 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

2. سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن 1979 جي سنڌ

آرڊيننس VIII جي دفعہ 1 جي ترميم

Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance VIII of 1979

کي هن کانپوءِ بہ چاٹايل آرڊيننس سڏيو ويندو. ان جي دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "گريڊ يا" کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VIII of 1979

3. چاٹايل آرڊيننس جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) "بنيادي اسڪيل" مطلب حڪومت طرفان منظور ڪيل ادائگي جو بنيادي اسڪيل جنهن ۾ عهدا يا عهدن جو گروپ رکيو ويو آهي؛

(aa) "سول سرونٽ" مطلب هڪ سول سرونٽ جيئن سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛".

(ii) شق (e) کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VIII

4. چاٹايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾ لفظ "گريڊ" جتي بہ اچي، لفظن "بنيادي اسڪيل" سان متبادل بڻايو ويندو.

of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of the Schedule to Sindh Ordinance VIII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول ۾:

(a) لفظ "گريڊ" جتي به اچي، لفظن "بنيادي اسڪيل" سان متبادل بڻايو ويندو؛ ۽

(b) لفظ "گريڈس" جتي به اچي لفظن "بنيادي اسڪيلز" سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.